SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر IV مجريہ 1997

SINDH ACT NO.IV OF 1997

سنڌ ايريگيشن ۽ ڊرينيج اٿارٽي ايڪٽ، 1997

THE SINDH IRRIGATION AND DRAINAGE AUTHORITY ACT, 1997

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. اٿارٽي جو قيام
Establishment of the Authority

4. اٿارٽي جي جوڙجڪ جو بورڊ
Board of Constitution of the Authority

5. اٿارٽي جي گڏجاڻي
Meeting of Authority

6. نوٽيفڪيشن
Notification

7. بورڊ آف مئنيجمينٽ
Board of Management

8. اٿارٽي جا اختيار ۽ ذميواريون

Power and Duties of the Authority

9. اٿارٽي طرفان زمين جي طلبي

Acquisition land by the Authority

10. ٻين ايجنسين لاءِ لوڪل باڊيز سان انتظام

Arrangement with Local Bodies for other Agencies

11. صوبائي پاڻي جي وسيلن تي ضابطو

Control over Provincial Water Resources

12. 13 آفيسن جي ملازمن جي مقرري

Appointment of 13 offices servants

13. انتظامي اختيار

Disciplinary Powers

14. اٿارٽي ۽ ملازمن کي ڇوٽ

Immunity of the Authority and employees

15. اختيارن جي منتقلي

Delegation of Powers

16. صوبائي ايريگيشن اينڊ پاور ڊپارٽمينٽ ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهو

Persons serving in the Provincial irrigation and Power Department

17. اٿارٽي فنڊ

Authority Fund

18. اٿارٽي هڪ مڪاني اٿارٽي سمجهي ويندي

Authority to be deemed to be a local Authority

19. محدود ذميواري

Limited Liability

20. پاڻي جي فراهمي لاءِ اگهه مقرر ڪرڻ جو طريقيڪار

Procedure of fixation of rates for supply of water

21. سالياناماليا تي استيٽمينٽس ۽ آڊٽ

Annual financial statements and audit

22. ايريا واٽر بورڊ جو قيام

Establishment of Area Water Board

23. بورڊ جي گڏجاڻي

Meeting of the Board

24. ايريا واٽر بورڊ جو ڪم

Function of Area Water Board

25. سالياني رپورٽون ۽ ريٽرنس جمع ڪرائڻ

Submission of yearly reports and returns

26. نقصان لاءِ مدد

Compensation for loss

27. حقن ۽ ذميدارين جي منتقلي

Transfer of rights and liabilities

28. قاعدا

Rules

29. ضابطا

Regulations

30. رنڊڪون هٽائڻ هن ايڪٽ جي گنجائشن کي ٻين قانونن تي اثرانداز ٿيڻ

Removal of difficulties provisions of this Act to over ride other Laws

31. 1997 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي منسوخي

Repeal of Sindh Ordinance No.III of 1977

سنڌ ايڪٽ نمبر IV مجريہ 1997

SINDH ACT NO.IV OF 1997

سنڌ ايريگيشن ۽ ڊرينيج اٿارٽي ايڪٽ، 1997

THE SINDH IRRIGATION AND DRAINAGE AUTHORITY ACT, 1997

[15 سيپٽمبر 1997]

تمهيد (Preamble)

ايڪٽ جنهن ذريعي صوبي سنڌ ۾ ايريگيشن ۽ ڊرينيج اٿارٽي قائم ڪئي ويندي.

جيئن تہ صوبي سنڌ ۾ هڪ جيتري پاڻيءَ جي ورهاست ۽ ڊرينيج ۽ ٻوڏ تي ضابطي کي اثرائتو بڻائڻ لاءِ ڊگهي مدي وارن بنيادن تي مخير ماڻهن جي حصيداري سان آبپاشي ۽ ڊرينيج جي ڪمن جي انتظام ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن لاءِ ايريگيشن ۽ ڊرينيج اٿارٽي جو قيام ضروري ٿي پيو آهي.

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ ايريگيشن ۽ ڊرينيج اٿارٽي ايڪٽ، 1997 سڏيو ويندو.

(2) ان جي سڄي صوبي سنڌ تائين توثيق ڪئي ويندي.

(3) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون

Definitions

2. هن آرڊيننس ۾ جيستائين ڪجهہ مفهوم ۽ مضمون جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(i) "اٿارٽي" مطلب دفعہ 3 تحت قائم ڪيل سنڌ ايريگيشن ۽ ڊرينيج اٿارٽي؛

(ii) "AWB" مطلب دفعہ 23 تحت قائم ڪيل ايريا واٽر بورڊ؛

(iii) "بورڊ" مطلب دفعہ 7 تحت جوڙيل بورڊ آف مئنيجمينٽ؛

(iv) "ڪئنال" مطلب هڪ ڪئنال جيئن 1879 جي سنڌ ايريگيشن ايڪٽ ۾ بيان ڪيو ويو آهي؛

(v) "چيئرمين" مطلب اٿارٽي جو چيئرمين؛

(vi) "ڊرين" مطلب قدر تي نالي، سطح تي يا نيم سطح تي وهندڙ نالي، يا نيڪال جو اهو ذريعو جيڪو ڪوٽائي ڪري بڻايو وڃي تہ جيئن اضافي مٿي ۽ مٿاڇري وارو پاڻي زمين تان ڪئنال سسٽم ذريعي ڪڍي سگهجي.

(vii) "ڊرينيج سيس" مطلب نالين منجهان گندگي جي نيڪال لاءِ اوڳاڙي ويندڙ ڊرينيج سيس؛

(viii) "FO" مطلب دفعہ 26 تحت جوڙيل فارمرس آرگنائيزيشن؛

(ix) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(x) "لوڪل ڪائونسل" مطلب سنڌ لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ، 1979 تحت جوڙيل لوڪل ڪائونسل؛

(xi) "مئنيجنگ ڊائريڪٽر" مطلب اٿارٽي جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر؛

(xii) "ميمبر" مطلب اٿارٽي جو ميمبر؛

(xiii) "بيان ڪيل" مطلب هن ايڪٽ تحت قاعدن يا ضابطن موجب بيان ڪيل؛

(xiv) "ضابطا" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل ضابطا؛

(xv) "قاعدا" هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدا؛

(xvi) "واپڊا" مطلب واٽر اينڊ پاور ڊولپمينٽ اٿارٽي؛

(xvii) "پاڻي" ۾ شامل آهي اهو بيٺل پاڻي يا جيڪوسطح

تي نيم سطح تي موجود هجي يا بيهاريو وڃي، پوءِ اهو ڪنهن صوبي ۾ هجي، پر هن ۾ اهو پاڻي شامل آهي، جيڪو ٻين صوبن جي پاڻيءَ جي ذخيرن ۽ يا ندين ۽ ڪئنالن مان ٻئي صوبي کي الاٽ ڪيو وڃي.

(xviii) "پاڻيءَ جو ملهه" مطلب واٽر اپورشنمينٽ اڪارڊ، 1991 تحت قيمت پاڻيءَ جي فراهميءَ تي وصول ڪئي وڃي.

اٿارٽي جو قيام
Establishment of the Authority

3. (1) جيترو جلد ممڪن ٿي سگهي، هن ايڪٽ جي شروعات کانپوءِ هڪ اٿارٽي قائم ڪئي ويندي،جنهن کي سنڌ ايريگيشن ۽ ڊرينيج اٿارٽي سڏيو ويندو.

(2) اٿارٽي بادي ڪارپوريٽ هوندي جنهن کي ملڪيت حاصل ڪرڻ، رکڻ ۽ نيڪال ڪرڻ جي اختيار سان گڏ حقيقي وارثي ۽ عام مهر هوندي ۽ ڄاڻايل نالي سان ڪيس ڪري سگهندي ۽ ان تي ڪيس ٿي سگهندو.

(3)اٿارٽي جا هيڊ ڪوارٽرز حيدرابادِ ۾ هوندا.

اٿارٽي جي جوڙجڪ جو بورڊ
Board of Constitution of the Authority

4.(1)اٿارٽي هيٺين تي مشتمل هوندي:

(a)آبپاشي وارو وزير يا حڪومت طرفان مقرر ڪيل ڪو ٻيو شخص	چيئرمين
(b)بورڊ آف روينيو جو سينئر ميمبر	ميمبر
(c)پلاننگ ۽ ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ جو ايڊيشنل چيف سيڪريٽري	ميمبر
(d)سيڪريٽري فنانس ڊپارٽمينٽ	ميمبر
(e)ايريگيشن ۽ پاور ڊپارٽمينٽ جو سيڪريٽري	ميمبر
(f)سيڪريٽري ايگريڪلچر ڊپارٽمينٽ	ميمبر

(g) اٿارٽي جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر	ميمبر
(h) فارمرز آرگنائيزيشن جو هڪ نمائندو	ميمبر

(2) چيئرمين سواءِ ايڪس آفيسو چيئرمين ۽ ميمبر سواءِ ايڪس آفيشو ميمبر جي، جيستائين اڳواٽ استيعفيٰ نہ ڏين يا هٽايا نہ وڃن، چئن سالن لاءِ عهدو رکندا ۽ ٻيهر ساڳئي مدي لاءِ مقرري لاءِ اهل هوندا.

(3) اهڙي چيئرمين يا ميمبر جي موت، استعيفيٰ يا برطرفي جي صورت ۾ ٻيو ڪو چيئرمين يا جيئن معاملو هجي، ميمبر سندس جاءِ تي اهڙي چيئرمين يا ميمبر جي رهيل مدي لاءِ مقرر ڪيو ويندو.

(4)چيئرمين يا ميمبر پنهنجي هٿ لکت سان وپنهنجي عهدي تان استيعفيٰ ڏئي سگهي ٿو پر ان تي تيستائين عملدرآمد نہ ٿيندو جيستائين اها حڪومت طرفان منظور نہ ڪئي وڃي.

اٿارٽي جي گڏجاڻي
Meeting of Authority

5. (1) اٿارٽي جي گهٽ ۾ گهٽ هر ٽئين مهيني گڏجاڻي ٿيندي.

(2) اٿارٽي جون گڏجاڻيون اهري وقت ۽ اهڙن هنڌن تي ۽ اهڙي طريقي ڪوٺايون ويندیون جيئن ضابطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي يا جيستائين ان سلسلي ۾ ضابطا ناهن جوڙيا ويا، ايئن ۽ تڏهن جڏهن چيئرمين طرفان ڪوٺائي وڃي.

(3) جيستائين ڪجهہ ذيلي دفعہ (1) جي متضاد نہ هجي، چيئرمين اٿارٽي جي گڏجاڻي ڪوٺائي گهجي ٿو جيڪڏهن ٽي يا وڌيڪ ميمبر ڪيس لکت ۾ اهڙي گڏجاڻي ڪوٺائڻ جي درخواست ڪن، اهڙي گڏجاڻي لاءِ درخواست جي سلسلي ۾ گهٽ ۾ گهٽ ست ڏينهن جو نوٽيس ڏيڻ کانپوءِ نوٽيس ملڻ

جي پندرنهن ڏينهن اندر گڏجاڻي ڪوٺائي ويندي.

(4) اٿارٽي جي گڏجاڻيءَ لاءِ ميمبرن جو ڪورم ٽي ميمبر هوندو.

(5) چيئرمين يا، سندس غير حاضري ۾، ميمبرن طرفان چونڊيل ڪو ميمبر گڏجاڻيءَ يا اٿارٽيءَ جي اهڙي گڏجاڻيءَ ۾ صدارت ڪندو.

(6) ووٽن جي برابر ٿيڻ جي صورت ۾، چيئرمين يا گڏجاڻيءَ جي صدارت ڪندڙ ميمبر کي هڪ ڪاسٽنگ ووٽ حاصل هوندو.

(7) چيئرمين ۽ ميمبر کي اهڙو الائونسل حاصل هوندو جيئن اٿارٽي طرفان اٿارٽي جي گڏجاڻي لاءِ بيان ڪيو ويو هجي.

نوٽيفڪيشن
Notification

6. حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي ايڪس آفيشو چيئرمين ۽ ميمبرن کان سواءِ چيئرمين يا ميمبر کي هٽائي سگهي ٿي، جيڪڏهن اهو:

(a) هن ايڪٽ تحت پنهنجون ذميواريون نڀائڻ جي لائق نه آهي؛ يا

(b) سندس ڏيوالو نڪري ويو آهي؛ يا

(c) ملازمت لاءِ نااهل قرار ڏنو ويو آهي، يا سرڪاري نوڪري مان برطرف ڪيو ويو آهي، يا بداخلاقي جي ڏوهه ۾ ڪيس سزا ٻڌائي وئي آهي؛

(d) ڄاڻي واڻي حاصل ڪئي آهي يا بنا اجازت جي جاري رکي آهي، لڪت ۾، حڪومت جي، سڌيءَ ريت يا اڻ سڌيءَ ريت يا ڀائيوار جي ذريعي، ڪو حصو يا دلچسپي ڪنهن به ٺيڪي يا ان سان گڏ ملازمت ۾، اٿارٽي جي طرفان يا ڪنهن زمين ۾ يا ملڪيت ۾، جيڪا سندس ڄاڻ موجب، فائديمند

آهي يا ٿارٿي جي آپريشنز جي نتيجي ۾ فائدو ڏنو اٿئين؛ بشرطيڪ هميشہ اهو تہ هن دفعہ تحت ڪو بہ قدم چيئرمين يا ميمبر خلاف انهن کي ٻڌڻ جو موقعو ڏيڻ کانسواءِ نہ کنيو ويندو.

بورڊ آف مئنيجمينٽ
Board of Management

7. (1)اٿارٿي جي سموري ضابطي ۽ رهنمائي موجب، اٿارٿي جي روز مرهہ جا معاملا بورڊ آف مئنيجمينٽ طرفان هلايا ويندا، جيڪو مئنيجنگ ڊائريڪٽر ۾ جنرل مئنيجرز جيڪي چار کان گهٽ نہ هجن تي مشتمل هوندو، جيڪي اٿارٿي طرفان حڪومت جي منظوري سان مقرر ڪيا ويا هوندا.

(2) مئنيجنگ ڊائريڪٽر ۽ جنرل ميمبرن کي اهڙي لاڳاپيل شعبي ۾ انهن جي ملازمت جي گهرجن موجب قابليت، فني پنيرائي ۽ عملي تجربو هوندو، جيڪو مئنيجنگ ڊائريڪٽر ۽ جنرل مئنيجرز لاءِ ترتيبوار بيان ڪيو ويو هجي، جيڪي گهٽ ۾ گهٽ پنجويهہ سال ۽ پندرنهن سالن جو آبپاشي ۽ ڊرينيج جي ميدان ۾ ترتيبوار تجربو رکندا هوندا.

(3)مئنيجنگ ڊائريڪٽر يا جنرل مئنيجر کي هٽائي سگهجي ٿو جيڪڏهن دفعہ 6 ۾ ڄاڻايل نااهلين مان ڪا بہ انهن ۾ موجود هجي.

(4) هن دفعہ جي ٻين گنجائشن موجب، مئنيجنگ ڊائريڪٽر ۽ جنرل مئنيجر اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪيا ويندا، جيئن قاعدن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

(5) مئنيجنگ ڊائريڪٽر ۽ جنرل مئنيجرز جيستائين اهي استعيفيٰ نہ ڏين يا کين اڳواٽ هٽايو وڃي، چار سالن تائين

عهدو رکندا ۽ ٻيهر ساڳئي مدي لاءِ مقرري لاءِ اهل هوندا يا اهڙن ننڍن مدن لاءِ جيئن حڪومت طئي ڪري.

(6)مئنيجنگ ڊائريڪٽر يا ڪو جنرل مئنيجر ڪنهن به وقت تي استعيفيٰ ڏئي سگهي ٿو: بشرطيڪ سندس استعيفيٰ تيستائين ڪارگر نه هوندي جيستائين اها حڪومت طرفان قبول نه ڪئي وڃي.

باب _III

اٿارٽي جا اختيار ۽ ذميواريون

اٿارٽي جا اختيار ۽ ذميواريون

Power and Duties of the Authority

8. اٿارٽي جا هيٺيان اختيار ۽ ذميواريون هونديون:

(A) عام.

(1) واٽر اپورشنمنٽ اڪارڊ، 1991 جي گنجائشن موجب، صوبي اندر بئراجن جو پاڻي حاصل ڪرڻ ۽/يا انٽر پراونشلز/لنڪ ڪئنالن ذريعي پاڻي حاصل ڪرڻ ۽ ساڳيو مختلف AWB's بادبيز يڪ منظور ٿيل مقدار ۾ پهچائڻ يا ماڻهن کي اهڙيءَ ريت ۽ اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب جيئن اٿارٽي طرفان لاڳاپيل ڪئنال هيڊ پوائنٽس تي بيان ڪيو ويو هجي ۽ ساڳيو انٽر پراونشل آئوٽ فال ڊرينس ۾ فراهم ڪرڻ.

(2) آبپاشي ايڪٽ، 1879 ۽ قاعدن تحت حڪومت جا اهڙا اختيار استعمال ڪرڻ، جيڪي هن ايڪٽ، قاعدن يا ضابطن سان ٽڪراءِ يا تضاد ۾ نه هجن.

(3) واٽر ريٽ ۽ ڊرينيج سيس لڳائڻ ۽ جمع ڪرڻ اهڙي ريٽ ۽ سيس جي دير ادائگي تي.

(4) هن ايڪٽ تحت ڪنهن به خدمت جي فراهمي تي فيس يا قيمت بيان ڪرڻ يا وصول ڪرڻ.

(5) هن ايڪٽ تحت اٿارٽي ڏانهن واجب الادا ڪا رقم لينڊ روينيو جي مد ۾ وصول ڪرڻ.

(B) پاليسي ۽ ريگيوليشن:

(1)هن ايڪٽ جي گنجائشن جي بهتر ۽ موثر نموني عملدرآمد لاءِ پاليسي گائيڊ لائينس ۽ طريقيڪار جوڙڻ ۽ عملدرآمد ڪرڻ.

(2) واٽر ريسورسز سيڪٽر ۾ پاڻي جي وسيلن کي لاڳيتو بهتر بڻائڻ ۽ اثرائتا اڪناميڪل ۽ موثر استعمال، محفوظ بڻائڻ ۽ سڌارو آڻڻ جا مقصد حاصل ڪرڻ ۽ اهڙن پاڻي جي وسيلن کي پائيدار بنيادن تي موثر بڻائڻ لاءِ پاليسيون جوڙڻ ۽ انهن تي عملدرآمد ڪرائڻ؛

(3) تربيت جون گهرجون ۽ پروگرام بيان ڪرڻ، جيڪو هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري ٿي سگهي ٿو ۽ اهڙي تربيت ۽ پروگرامن لاءِ طريقو ۽ اختياري بيان ڪرڻ.

(4) ڪن بہ تڪرارن تي شڪايتن جي جاچ ڪرڻ ۽ انهن کي حل ڪرڻ ۽/يا هن ايڪٽ تحت قائم ڪيل مختلف ادارن ۽ فردن يا فردن جي گروهن وچ ۾ فرقن بابت جاچ ڪرڻ ۽ حل ڪرڻ؛

(5) پاڻي ڏيڻ جي سلسلي ۾ دستاويزن حاصل ڪرڻ ۽ ڀرڻ جا طريقيڪار بيان ڪرڻ؛

(6) لائسنس ۽ ليزون جاري ڪرڻ، ٻيهر نيون ڪرڻ يا رد ڪرڻ، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(C) مک آپريشنز.

(1) آبپاشيءَ جي وهڪرن، پاڻيءَ جي ذخيرن ۽ ٻوڏ بچاءَ جي طريقن، جن ۾ شامل آهن جبلن تان هيٺ لهندڙ پاڻي،

آبپاشيءَ جي ترقيءَ جا ڪم ۽ هيٺانهين ۾ بيٺل پاڻي يا نديءَ جي وهڪرن بابت منصوبابندي ڪرڻ، جوڙڻ، تعمير ڪرڻ، عمل ۾ آڻڻ ۽ انهن کي دائم رکڻ؛

(2) رڪارڊ، رجسٽرس ۽ ڊيٽا بئنڪس رکڻ جيئن هن ايڪٽ تحت سندس سمورن يا ڪجهه اختيارن ۽ ذميوارين جي اثرائتي ڪارڪردگيءَ لاءِ ضروري هجي؛

(3) اهڙا سمروا قدم کڻڻ جيڪي حددخلين ۽ اٿارٽي جي ملڪيتن سان غير قانوني تعمير کي هٽائڻ ۽ محفوظ بڻائڻ لاءِ ضروري هجن.

(4) اٿارٽي جي سامان، مشينري ۽ اسٽورز کي اثرائتي، ڪارگر نموني ۽ صنعتي طريقي سان سنڀالڻ ۽ رکڻ؛

(5) ڊاهڻ واري آپريشن ڪرڻ يا ڪنهن ماڻهن کي سونپڻ، بشمول جهنگن جي حفاظت ۽ درياهه جي طاس وارن علائقن مان جهنگن جي واڍي، جابلو ٻوڏ يا ندين ۽ صفائي ۽ ڀڃڻ جي مقصد لاءِ ۽ جيئن ضروري طور منع ٿيل يا پابندي وڌل هجي.

(D) ماليات ۽ انتظام.

(1) ڪي به ڪم ڪرڻ، خرچ حاصل ڪرڻ، مشينري پلانٽ مهيا ڪرڻ ۽ اٿارٽي کي گهبرل اسٽورز مهيا ڪرڻ؛

(2)اهڙن سمورن ٺيڪن بابت ڳالهيون ڪرڻ، ڪرڻ ۽ تيار ڪرڻ/طئي ڪرڻ جيئن هن ايڪٽ جي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري سمجهي يا ضروري هجي.

(3)هن ايڪٽ تحت اٿارٽي جي مختلف ڪمن جي ڪارڪردگي جي سلسلي ۾ ڪيل ڪمن تي خرچ ۽ قيمت لاءِ اٿارٽي فنڊ استعمال ڪرڻ بشمول پگهارن جي ادائگي،

گريچوئٽي، پينشن ۽ عملدارن، ملازمن ۽ اٿارٽي ۾ ٻين ماڻهن جي ٻين مراعتن جي.

(4) بهتر نموني ماليات کي سنڀالڻ ۽ اٿارٽي جي اڪائونٽس ۽ اثاثن جو انتظام ڪرڻ؛

(E) منتقلي.

(1) AWBs/FOs جي جوڙجڪ، واڌ ويجهه ۽ ترقي کي هٿي وٺرائڻ جيئن پنهنجي مدد ڪئي وڃي ۽ مالياتي طور تي پنهنجي پيرن تي بيٺل ادارن ۽ ان سلسلي ۾ اٿارٽي جي آپريشنز ۾ منظم طور ۽ انتظامي نموني مقرريون ڪرڻ.

(2) تياري ڪرڻ يا تياري جو سبب بڻجڻ ۽ اسٽاف ۽ آپريشنل ۽ مالياتي منصوبن کي روزاني بنيادن تي اپڊيڊ ڪرڻ يا اپڊيڊ ڪرڻ جو سبب بڻجڻ، جيڪي عام طور تي اهڙيءَ ريت عمل ڪندا ۽ اهڙن معاملن جي عڪاسي ڪرڻ، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(3) اهڙي طريقي سان حڪمت عمليون جوڙڻ جنهن سان هن ايڪٽ تحت اٿارٽيءَ ۽ ٻين لاڳاپيل ڏرين کي مڪمل طور تي سرگرم رکي سگهجي ۽ خودانحصاري ڏئي سگهجي ۽ انهن کي مالي حوالي سان پاڻيرو ٿيڻ جهڙو ڪري سگهجي ته جيئن آبپاشي ۽ ڊرينيج جي سسٽم کي فعال بڻائي سگهجي يا برقرار رکي سگهجي، جيئن باب نمبر V ۾ چيو ويو آهي ۽ اهو ڪم ستن کان ڏهن سالن جي عرصي اندر ٿي سگهي.

(F) تحقيق ۽ ترقي.

(1)حڪمت عمليون، تعليمي ۽ تحقيقي پروگرام جوڙڻ، عملدرآمد ڪرائڻ ۽ انهن کي روزاني بنيادن تي اپڊيٽ

ڪرڻ تہ جيئن سم ۽ ڪلر جي مسئلي کي حل ڪري/ختم ڪري ۽ بچي سگهجي، ۽ آبپاشي زراعت کي ترقي ڏياري سگهجي؛

(2)اٿارٽي جي آپريشنز ۽ حڪمت عملين جو روزاني بنيادن تي تجزيو ڪرڻ ۽ اثرن جي ڪاٽي لڳائڻ لاءِ پڙهائي جو انتظام ڪرڻ ماحوليات ۽ ماحول تي تہ جيئن اهڙين حڪمت عملين ۽ ڪمن جي نقصانن کي گهٽائي سگهجي ۽ وڌيڪ قدم لاءِ وڌ کان وڌ آپشنز کي استعمال ۾ آڻي سگهجي.

(3) ورتا ويندڙ اپائن/جيڪي ورتا وڃڻا هجن سطح تي موجود پاڻين جي رڪارڊنگ/ماپ ڪرڻ لاءِ مدد ڪرڻ/انتظام ڪرڻ، زميني پاڻي جي ٽيبل جي نظرداري ۽ پاڻي جي معيار ۽ ان سان لاڳاپيل انگ اکر گڏ ڪرڻ ۽ ان سلسلي ۾ قائم ڪرڻ ۽ روزاني بنيادن تي صوبي ۾ ساڳئي قسم جي ڪم ڪرڻ لاءِ خاص رابطو قائم ڪرڻ؛

(4) مختلف حڪمت عمليون، تفصيل، ڊيٽا ۽ اٿارٽي جي معاملن سان لاڳاپيل معلومات شايع ڪرڻ ۽ شايع ٿيڻ جو سبب بڻجڻ روزاني بنيادن تي ۽ ساڳئي تائين عوام جي جوڳي پهچ کي يقيني بڻائڻ.

9. ٺيڪيداري خدمتون.

اٿارٽي لکت ۾ معاهدي تحت شرطن ۽ ضابطن موجب ساڳئي لاءِ ادائگي جي حد ۽ طريقي سميت فني نظرداري جي ڪنهن اسڪيم مڪمل ڪرڻ ۽ جوڙيل يا حڪومت يا ڪنهن ٻي ايجنسي جي تعاون سان ڪنهن اسڪيم جي انتظامي ۽ مالياتي ضابطو رکڻ.

اٿارٽي طرفان زمين جي طلبي
Acquisition land by the Authority

10. ڪنهن زمين جي حاصلات ۽ ڪنهن زمين ۾ ڪنهن دلچسپي لاءِ اٿارٽي هن ايڪٽ جي مقصدن يا ڪنهن اسڪيم لاءِ عوامي مقصد ڪارڻ حاصلات سمجهي ويندي جنهن جي اهميت ۽ مقصد زمين حاصلات ايڪٽ، 1894 موجب هوندو، جنهن جون گنجائشون لاڳو ٿينديون.

بين ايجنسين لاءِ لوڪل باڊيز سان انتظام
Arrangement with Local Bodies for other Agencies

11. (1) جيترو جلد اٿارٽي طرفان اسڪيم پوري ڪئي وڃي يا دير سان جنهن تاريخ تي، اٿارٽي لوڪل ڪائونسل يا ٻي ايجنسي سان لکت ۾ معاهدي ذريعي انتظام ڪري، جنهن جي دائره اختيار ۾ اسڪيم جي استعمال هيٺ ڪا مخصوص ايراضي ايندي هجي، قبضو وٺڻو هجي ۽ اهڙي اسڪيم جا ڄاڻايل ايراضي ۾ ڪي بہ ڪم ٿيڻا هجن.

(2) حڪومت اٿارٽي کي ان طرفان مڪمل ڪيل ڪا بہ اسڪيم حڪومت جي ڪنهن ايجنسي يا لوڪل ڪائونسل حوالي ڪرڻ جي هدايت ڪري سگهي ٿي يا ڪنهن بہ ايجنسي طرفان مڪمل ڪيل اهڙين اسڪيمن جو اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب قبضو وٺي سگهي ٿي، جيئن حڪومت طرفان طئي ڪيو ويو هجي.

(3) اٿارٽي کي صوبي ۾ واپڊا طرفان جاري ڪمن جي جاچ پڙتال نظرداري ۽ مشورو ڏيڻ جو اختيار حاصل هوندو.

صوبائي پاڻي جي وسيلن تي ضابطو
Control over Provincial Water Resources

12. واٽر اپورشنمينٽ اڪارڊ (1991) جي لاڳاپيل گنجائشن موجب، اٿارٽي کي سمورن درياهن، ڪئنالن، نالن، ندين، جهرڻن، بهارن سواءِ اهڙن ذخيرن جي جيڪي واپڊا جي هٿ هيٺ هجن ۽ صوبي اندر زمين جي سطح هيٺ پاڻيءَ جي ذخيرن جي سمورن تي ضابطو حاصل هوندو.

باب _IV

انتظاميہ

13 آفيسن جي ملازمن جي مقرري
Appointment of 13 offices servants

13. (1) هن ايڪٽ جي ڪن ٻين گنجائشن موجب اٿارٽي وقت بوقت اهڙن عملدارن ۽ ملازمن کي ملازمت تي رکي سگهي ٿي، يا ضابطن موجب مقرر ڪري سگهي ٿي جيئن اها پنهنجي ڪارڪردگيءَ لاءِ ضروري سمجهي؛ بشرطيڪ اٿارٽي ماهر ۽ ڪنسلٽنٽس اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪري سگهي ٿي، جيئن اها مناسب سمجهي.

(2) جيستائين ڪجهه ذيلي دفعه (1) جي متضاد نه هجي ڪو به جوڙيل ضابطو يا اٿارٽي طرفان جاري ڪيل حڪم يا هدايتون، اٿارٽي ڪنهن به وقت ڪنهن موزون مقصد لاءِ، ڪنهن به شخص کي گهٽ ۾ گهٽ نوي ڏينهن جو نوٽيس ڏيڻ کان پوءِ ملازمت کان هٽائي يا برطرف ڪري سگهي ٿي يا نوي ڏينهن کان گهٽ عرصو هجڻ تي ادائگي ڪري سگهي ٿي.

انتظامي اختيار
Disciplinary Powers

14. اٿارٽي پنهنجي عملدارن ۽ ملازمن خلاف ضابطن موجب انتظامي ڪارروائي ڪرڻ لاءِ بااختيار هوندي.

اٿارٽي ۽ ملازمن کي ڇوٽ
Immunity of the Authority and employees

15. (1) مئنيجنگ ڊائريڪٽر، بورڊ جا ميمبر، عملدار ۽ اٿارٽي جا ملازم جڏهن هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب ڪم ڪري رهيا هجن، پاڪستان پينل ڪوڊ جي دفعه 21 تحت اهي سرڪاري ملازم سمجهيا ويندا.

(2) هن ايڪٽ تحت سٺي نيت سان ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهه ڪرڻ جي ارادي تي اٿارٽي، مئنيجنگ ڊائريڪٽر، ميمبرن يا عملدارن ۽ اٿارٽي جي ملازمن خلاف ڪو به مقدمو، ڪيس يا قانوني ڪارروائي نه ٿي سگهندي.

اختيارن جي منتقلي
Delegation of Powers

16. اٿارٽي عام يا خاص حڪم ذريعي پنهنجي اختيارن منجهان ڪي بہ اختيار، هن ايڪٽ تحت اهڙين شرطن موجب جيئن اها مڙهڻ چاهي، مئنيجنگ ڊائريڪٽر، بورڊ جي ميمبر يا عملدار يا اٿارٽي جي ملازمن کي سونپي سگهي ٿي.

صوبائي ايريگيشن اينڊ پاور ڊپارٽمينٽ ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهو
Persons serving in the Provincial irrigation and Power Department

17. (1) صوبائي ايريگيشن اينڊ پاور ڊپارٽمينٽ جي ايريگيشن ونگ جا سمورا ملازم سواءِ اهڙن ملازمن جي جيئن ان سلسلي ۾ حڪومت طرفان بيان ڪيو ويو هجي ان سلسلي ۾ ٻين ڪن بہ گنجائشن موجب، هن ايڪٽ جي شروعات کان منتقل ٿي ويندا ۽ اٿارٽي جا ملازم ٿي ويندا.

(2)ذيلي دفعہ (1) تحت ملازم اٿارٽي ۾ اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب خدمت سرانجام ڏيندا جيئن قاعدن ۾ بيان ڪيو ويو هجي پر اهڙيون شرطون ۽ ضابطا انهن کي اڳ ۾ ڏني ويندڙ شرطن ۽ ضابطن کان گهٽ فائديمند نہ هوندا: بشرطيڪ اٿارٽي ڪن بہ ملازمن خلاف انتظامي ڪارروائي لاءِ مجاز هوندي.

(3) حڪومت پينشن ۽ گريچوئٽي جي مد ۾ مالي مدد ڪندي ۽ اهڙن ملازمن جو پرووِيڊنٽ فنڊ قاعدن موجب اٿارٽي ڏانهن منتقل ڪندي. بشرطيڪ جيستائين ڪجهہ انڊسٽريل رليشنز آرڊيننس، 1969 جي متضاد نہ هجي، لاڳو ٿيندو يا اٿارٽي جي سلسلي ۾ لاڳو ٿيندو.

باب _V

ماليات

اٿارٽي فنڊ
Authority Fund

18. (1) هڪ فنڊ هوندو، جيڪو "اٿارٽي فنڊ" طور ڄاتو ويندو ۽ اٿارٽي ۾ جمع ٿيندو.

(2)اٿارٽي فنڊ مشتمل هوندو:

(a) اٿارٽي طرفان پاڻي جي قيمت، وڪرو ۽ ڊرينيج سيس مان حاصل ڪيل سموريون رقمون؛

(b) حڪومت طرفان ڪيل گرانٽ؛

(c) حڪومت کان حاصل ڪيل قرض؛

(d) لوڪل ڪائونسل طرفان ڪيل گرانٽس جيڪي حڪومت طرفان گهربل هجن؛

(e) بانڊس جو وڪرو يا حڪومت جي اختيار هيٺ ٻيا ڪي جاري ڪيل قرض جا دستاويز؛

(f) حڪومت جي منظوري سان اٿارٽي طرفان حاصل ڪيل قرض؛

(g) حڪومت جي منظوري ۽ اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب، جيئن حڪومت طرفان منظوري ڏني وڃي، انهن تحت وفاقي حڪومت سان مشاورت بعد حاصل ڪيل پرڏيهي مدد ۽ مختلف پرڏيهي ايجنسين کان حاصل ڪيل قرض؛

(h) اٿارٽي طرفان وصولي لائق ٻيون سموريون رقمون.

اٿارٽي هڪ مڪاني اٿارٽي سمجهي ويندي

Authority to be deemed to be a local Authority

19. لوڪل اٿارٽيز لونس ايڪٽ، 1914 تحت اٿارٽي ڄاڻايل ايڪٽ تحت رقم اڌاري وٺڻ لاءِ هڪ لوڪل اٿارٽي سمجهي ويندي، ۽ هن ايڪٽ تحت ڪا اسڪيم ناهڻ ۽ ان تي ڪم ڪرڻ لاءِ، اهڙو ڪم سمجهيو ويندو، جنهن لاءِ اهڙي اٿارٽي قانوني طور ڪم ڪرڻ لاءِ بااختيار بڻايل آهي.

محدود ذميواري

Limited Liability

20. اٿارٽي جي پئسا جمع ڪرائيندڙن جي ذميداري ۽ حڪومت حڪمت طرفان ڪيل گرانٽ جي مد ۾ محدود هوندي ۽ اٿارٽي طرفان حڪمت جي منظوري سان قرض گڏ ڪيو ويندو.

پاڻي جي فراهمي لاءِ

اگهه مقرر ڪرڻ جو طريقيڪار
Procedure of fixation of rates for supply of water

21. (1) اٿارٽي عام طور تي مختلف علائقن ۾ پاڻي جي منصفاڻي ۽ موزون بنيادن تي فراهمي ڪندي.

(2) اگهه جن تي اٿارٽي پاڻي فراهم ڪندي اهڙيءَ ريت طئي ڪيا ويندا جيئن پاڻي جي فراهمي واري ڪم ۽ مرمت جي قيمت جي ضرورتن کي ستن کان ڏهن سالن تائين پورو ڪري سگهجي، بشرطيڪ موجود اگهه ۾ ڪنهن اضافي تجويز ڪرڻ کان اڳ ۽/يا ساڳئي تي راضي ٿيڻ کان اڳ، اٿارٽي/لاڳاپيل AWBs هيٺين قدمن کي جي مقدار کي گهٽائڻ لاءِ پنهنجي وڌ کان وڌ ڪوشش ڪندي.

(i) اگهه گهٽائڻ؛

(ii) پاڻيءَ جي اگهه ۽ ڊرينيج سيس جي تشخيص ۽ جمع ڪرڻ کي سڌارڻ؛

(iii) رهتن جي اوڳاڙي؛

(iv) نان فارمنگ بينيفيشريز کان ڊرينيج فلڊ ڪنٽرول جي فراهمي جي اوڳاڙي يا قيمت؛

(v) اسڪارپ علائقن ۾ تازي پاڻي جي ٽيوب ويلس جي ڊس انويسٽمينٽ.

(3) آبادگارن کان آبياڻي جي صورت ۾ O ۽ M جزا وصول ڪيا ويندا جيڪي آبپاشي ڪئنالن ۽ سيڪنڊري ڊرينز جي مڪمل O ۽ M قيمت برابر هوندا.

(4) O ۽ M ٻوڌ کان بچاءَ جي قيمت ۽ پبلڪ سيڪٽر FWO ٽيوب ويلس آبياڻي مان لڳايا ويندا، نالي سان هڪ نسبت SGW ٽيوب ويلس جي قيمت جي O ۽ M جي (پنج کان ڏوهه سيڪڙو) برابر جيئن معاملو هجي، هارين طرفان برداشت ڪئي ويندي، جيڪڏهن بعد ۾ ڪنهن به

وقت اٿارٽي طرفان اهڙي ڪا ضرورت محسوس ڪئي وئي.

سالياناماليات استيٽمينٽس ۽ آڊٽ
Annual financial statements and audit

22. (1) اٿارٽي هر مالي سال جي پوري ٿيڻ کان ڇهه مهينن کانپوءِ نه هجي، مالياتي استيٽمينٽس ٺاهيندي، جنهن ۾ فائيل جي آخر ۾ مالياتي سال جي بئلنس شيٽ، رقم ۽ مالي سال لاءِ اڪائونٽ جو خرچ شامل هوندو، ۽ مالي بيهڪ ۾ تبديلين جو هڪ استيٽمينٽ يا سويلن ۽ مالياتي سال لاءِ فنڊس جي درخواست جو استيٽمينٽ ۽ انهن اڪائونٽس جي هر سال اٿارٽي طرفان مقرر ڪيل ڪمرشل آڊيٽرس کان آڊٽ ڪرائي ويندي.

(2) بئلنس شيٽ مالي سال جي پوري ٿيڻ تي اٿارٽي جي معاملن جي سچي ۽ صاف حالت بيان ڪندي ۽ مالي سال لاءِ اٿارٽي جي رقم، خرچ اڪائونٽ جي درست ۽ صحيح اضافي ۽ ڪوٽ جا انگ اڪر پيش ڪندي.

(3) اڪائونٽس جي ڪتابن ۽ مالياتي استيٽمينٽس جي تياري جي سلسلي ۾ پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف چارٽرڊ اڪائونٽس جي اڪائونٽنگ معيارن جي پيروي ڪئي ويندي.

(4) اڪائونٽنگ حڪمت عمليون مالياتي استيٽمينٽس جي حصي طور بيان ڪيون ويونديون.

(5) اٿارٽي پنهنجي مالياتي استيٽمينٽس سان گڏ اٿارٽي جي مالياتي بيهڪ تي اثر وجهندڙ ڪن سامان جي تبديلين ۽ وابستگي جي سلسلي ۾ معلومات جا استيٽمينٽ ڏيندي، جيڪي مان مالي سال دوران ڪيون ويون هونديون، جنهن جو مالي استيٽمينٽ هجي ۽ اهڙي تاري جنهن تي اهو مالي استيٽمينٽ تيار ڪيو ويو هجي.

(6) هر سال فيبروري مهيني ۾ اٿارٽي حڪومت کي ايندڙ مالي سال لاءِ معلومات، پروجيڪٽيڊ مالي اسٽيٽمينٽس جمع ڪرائيندي.

(7) ڪمرشل آڊيٽر پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف چارٽرڊ اڪائونٽنٽس طرفان بيان ڪيل آڊيٽنگ جي معيارن موجب آڊٽ ڪندا ۽ آڊٽ بابت رپورٽ پيش ڪندا.

(8)اٿارٽي ڪمرشل آڊيٽرس جي آڊٽ رپورٽ جي نقل ۽ مالياتي اسٽيٽمينٽس سان گڏ تفصيلي معلومات ۽ وضاحت آڊيٽر طرفان حڪومت کي ڏنل رپورٽ ۾ موجود مشاهدن، خدشن، قابليت يا مخالف راءِ سميت فراهم ڪندي، ۽ هڪ نقل رپورٽ ملڻ جي 30 ڏينهن اندر صوبي جي اڪائونٽنٽ جنرل ڏانهن اماڻيندي.

(9) اٿارٽي حڪومت طرفان آڊٽ رپورٽ ۾ ڪنهن مشاهدن، خدشن، قابليت يا مخالف ريمارڪس تي عمل ڪرڻ لاءِ جاري ڪيل سمورين هدايتن تي عمل ڪندي.

باب _VI

ايريا واٽر بورڊ

ايريا واٽر بورڊ جو قيام

Establishment of Area Water Board

23. (1) حڪومت هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ کان هڪ سال اندر AWBs کي پنهنجي لاڳاپيل علائقائي دائره اختيار سميت ڄاڻائيندي ته ڪهڙا ترجيحي بنيادن تي ڪئنال ڪمانڊس ۾ ايندا، بشرطيڪ اهڙا AWBs ڪئنال ڪمانڊس تي ڄاڻايل AWBs جي پائلٽ اسٽڊي ڪاميابيءَ سان پوري ٿيڻ تي عمل شروع ڪندا.

(2) ايريا واٽر بورڊ چيئرمين ۽ هيٺين ميمبرن تي مشتمل هوندو:

(a) AWB جي هٿ هيٺ FOs جي چيئرمين طرفان چونڊيل FO جا ٻہ نمائندا.

(b) AWB جي لاڳاپيل علائقي مان هڪ ايم پي اي چيئرمين سيڊا طرفان نامزد ڪيو ويندو.

(c) اٿارٽي جو هڪ نمائندو.

(d) حڪومت جا ٻہ نمائندا، جن مان هڪ ايگريڪلچر ڊپارٽمينٽ مان هوندو، جيڪو ڊائريڪٽر جي عهدي کان گهٽ نہ هوندو.

(e) AWB جو ڊائريڪٽر.

(f) ٻہ ٽيڪنوڪريٽس، جيڪي (i) واٽر ريسورسز مئنيجمينٽ ۽ (ii) ماليات ۾ تصديق ٿيل بيڪ گرائونڊ رکندا هجن، اهي چيئرمين سيڊا طرفان نامزد ڪيا ويندا.

(3) ميمبر پهرين گڏجاڻيءَ ۾ پاڻ منجهان بورڊ جو هڪ چيئرمين چونڊيندا.

(4) چيئرمين بورڊ جي گڏجاڻين جي صدارت ڪندو.

(5) جتي چيئرمين ڪنهن سبب جي ڪري بورڊ جي گڏجاڻيءَ ۾ غير حاضر رهي ٿو، اهڙي گڏجاڻيءَ ۾ موجود ميمبر پاڻ منجهان ڪنهن ميمبر کي گڏجاڻيءَ جي چيئرمين طور چونڊيندا.

(6) ايڪس آفيشو ميمبرن کانسواءِ هڪ ميمبر جيستائين اهو استعيفيٰ نہ ڏئي يا چئن سالن جو مدو پورو نہ ڪري ۽ اهو ٻيهر ساڳئي مدي لاءِ نامزدگي لاءِ اهل هوندو.

بورڊ جي گڏجاڻي
Meeting of the Board

24. (1) بورڊ جي گڏجاڻي گهٽ ۾ گهٽ سال ۾ هر ٽئين مهيني ڪوٺائي ويندي، بشرطيڪ بورڊ جو چيئرمين، بورڊ جي درخواست ملڻ تي سمورن ميمبرن کي ست ڏينهن جو

نوٽيس ڏيڻ کانپوءِ، اهڙي درخواست ملڻ جي اهڙي عرصي جيڪو پندرنهن ڏينهن کان وڌيڪ نه هجي، گڏجاڻي ڪوٺائيندو.

(2) بورڊ جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم پنج ميمبر هوندو.

ايريا واٽر بورڊ جو ڪم
Function of Area Water Board

25. بورڊ اٿارٽي جي ضابطي ۽ هدايت موجب:

(1) اثرائتو مالي ۽ آبپاشي پاڻي جي موثر استعمال لاءِ حڪمت عمليون جوڙڻ ۽ انهن تي عملدرآمد ڪرائڻ؛

(2) اها پڪ ڏيارڻ ته اهو پنهنجي جڙڻ جي ست کان ڏهن سالن اندر پنهنجي مدد پاڻ ۽ مالي طور پنهنجي مدد پاڻ وارو مڪمل طور ڪم ڪندڙ ادارو ٿي ويندو.

(3) پنهنجي دائره اختيار وارن علائقن ۾ آبپاشي، ڊرينيج ۽ ٻوڏ تي ضابطي واري انفرا اسٽرڪچر جو منصوبو جوڙڻ، ڊزائن ڪرڻ، تعمير، هلائڻ ۽ انتظام ڪرڻ.

(4) اٿارٽي طرفان ڪي ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ.

باب _VII

هارين جون تنظيمون

26. FOS جي جوڙجڪ.

(1)هر SIDA ۽ AWB پنهجي قائم ٿيڻ جي هڪ سال اندر پائلٽ پروگرام، حڪمت عمليون واضح ڪنديون ۽ عملدرآمد ڪنديون ۽ ان سلسلي ۾ اهڙا قدم کڻنديون ته FOs مائينر/ڊسٽريبيوٽري سطح تي جوڙيون ويون آهن، مرحليوار ۽ منظم طريقي سان لاڳاپيل بائي لاز ۽ اٿارٽي طرفان جوڙيل ضابطن موجب؛

(2) لاڳاپيل SIDA AWB (1) تحت جوڙيل FOs کي فعال بڻائينديون ته جيئن پاڻ کي مالي طور پاڻ ڀرو ڪري

سگهن ۽ پنهنجي ڪارڪردگيءَ جي موثر نومني اثرائتو بڻائڻ لاءِ هن ايڪٽ جي تحت (1) تحت انهن جي بناوٽ جي ترتيب وار تاريخن جي وڏ ۾ وڏ ستن سالن جي ڪاڪردگي کي بهتر بڻائي سگهجي.

(3) بشرطيڪ زراعت کاتي، اين جي اوز ڪميونٽي آرگنائيزيشنز ۽ ٻين معاون ادارن طرفان قائم ڪيل FOs هن ايڪٽ تحت FOs سمجهيون ويندیون.

B. اثارتي اهڙي عرصي دوران جيئڪو موزون هجي پر ڪنهن به صورت ۾ هن ايڪٽ جي عمل ۾ اچڻ واري تاريخ کان هڪ سال کان وڌيڪ نه هجي صوبي ۾ FOs جي جوڙجڪ سان لاڳاپيل باءِ لاز/ضابطا شايع ڪري/شايع ڪرڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿي.

C. FOs جا ڪم ۽ اختيار

(1) مائينرس، ڊسٽريبيوٽريز ۽ ڊرينز جو آبپاشي ۽ ڊرينيج انفرا اسٽرڪچر هلائڻ، انتظام ڪرڻ ۽ سڌارڻ سان گڏوگڏ ان سلسلي ۾ سلسليوار لاڳاپيل FO سان لاڳاپيل ايراضي ۾ ڪو انفرا اسٽرڪچر بهتر بڻائڻ.

(2)مائينر يا ڊسٽريبيوٽري جي هيڊ تي SIDA يا AWB طرفان آبپاشي پاڻي حاصل ڪرڻ ۽ ساڳيو پاڻي پنهنجي ميمبرن ۽ ٻين استعمال ڪندڙن کي فراهم ڪرڻ، جيڪڏهن ڪي هجن.

(3) پنهنجي پاڻي استعمال ڪندڙن کي ڊرينيج ايفلوئنٽ وصول ڪرڻ ۽ ساڳيو فيلڊ/ڪليڪٽر ڊرينز ذريعي ڊينيج سسٽم جي لڳايل نوڊل پوائنٽس کي پهچائڻ.

(4) قبول ڪيل پاڻيءَ جو ملهه/ٻيون رهتون جمع ڪرڻ،

پنهنجي پاڻي استعمال ڪندڙن کان ۽ قبول ڪيل معاوضو آبپاشي جي پاڻي جي فراهمي جو ادا ڪرڻ ۽ ڊرينيج ايفلوئنٽ جو SIDA ۽ لاڳاپيل AWB کي پهچائڻ/يا نيڪال ڪرڻ جو معاوضو ادا ڪرڻ.

(5) ڪي به ڪنسلٽنٽس، صلاحڪار ۽ ملازم مصروف ڪرڻ، ڀاڙي تي رکڻ يا ملازمت تي رکڻ، جيئن به ضروري سمجهي يا ٻي صورت ۾ اهڙين شرطن ۽ ضابطن جي اختيارن ۽ ڪم ڪار جي موثر ڪارڪردگيءَ لاءِ گهربل هجي ۽ جيئن شرطن ۽ ضابطن موجب بيان ڪيو ويو هجي، ختم ڪرڻ يا وقت کان اڳ هٽائڻ اهڙي مصروفيت وغيره کان ڪنهن به ڪنسلٽنٽس، صلاحڪارن يا ملازمن جي، جيئن به معاملو هجي.

(6) ٻيو ڪو اختيار ۽ ڪم جيڪو مٿي ڄاڻايل اختيارن ۽ ڪمن سان متضاد نه هجي، جيڪي اٿارٽي طرفان جوڙيل بائي لاز ۽ ضابطن موجب FOs ۾ شامل هجن.

باب _VIII

رپورٽون ۽ اسٽيٽمينٽس

سالياني رپورٽون ۽ ريٽرنس جمع ڪرائڻ

Submission of yearly reports and returns

27. (1) FOs، AWBs ۽ اٿارٽي حڪومت کي مالي سال پورو ٿيڻ تي جيترو جلد ٿي سگهي ، ست مهينن جو عرصو پورو ٿيڻ کان اڳ ۽ مالي سال دوران سالياني معاملن بابت رپورٽ اماڻيندا، ان سال جي آڊٽ ٿيل مالي اسٽيٽمينٽ سميت، جيڪو سال غور هيٺ آهي.

(2) حڪومت هيٺيون شيون طلب ڪري سگهي ٿي:

(i) ڪو محصول، اسٽيٽمينٽ، ڪاٿو، شماريات يا اهڙي اداري جي ضابطي هيٺ ڪنهن معاملي سان ٻي ڪا

معلومات، يا

(ii) اهڙي ڪنهن معاملي جي رپورٽ، يا

(iii) اهڙي اداري جي تحويل ۾ ڪنهن دستاويز جو نقل، ۽ لاڳاپيل ادارو هر اهڙي درخواست تي عمل ڪندو.

(3) اٿارٽي ۽ AWBs پنهنجون ساليانيون رپورٽون ذيلي دفعہ (1) تحت پروجيڪٽن جي مختصر تفصيلن سان گڏ تجويز ڪيل شايع ڪرائينديون، جيڪي ايندڙ مالي سال دوران گهٽ ۾ گهٽ هڪ انگريزي/اردو/مقامي ٻولي جي اخبار ۾ شايع ٿيندا.

باب IX_

متفرقات

نقصان لاءِ مدد

Compensation for loss

28. جتي اٿارٽي گرانٽ ۾ ڪو نقصان ڪٽي ٿي يا پاڻي جي اگهہ جي صورت ۾ يا ڊرينيج سيس جي صورت ۾، تہ اٿارٽي کي ڪنيل نقصان عيوض حڪومت طرفان ادائگي ڪئي ويندي.

حقن ۽ ذميدارين جي منتقلي

Transfer of rights and liabilities

29. (1) هن ايڪٽ جي شروعات تي سمورا اثاثا ۽ ذميواريون ۽ سمورا حق ۽ ايريگيشن اينڊ پاور ڊپارٽمينٽ جي آبپاشي ونگ جون سموريون ذميواريون اٿارٽي ڏانهن منتقل ٿي ويندیون، خاص طور اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب جين ڄاڻايل اثاثا استعمال ڪرڻ ۽ نيڪال ڪرڻ بابت حڪومت طرفان بيان ڪيو ويو هجي.

(2) ايريگيشن اينڊ پاور ڊپارٽمينٽ طرفان آبپاشي، ڊرينيج ۽ ٻوڏ کان بچاءَ بابت ڪيل سمورا معاهدا اٿارٽي طرفان ڪيل معاهدا سمجهيا ويندا.

(3) سمورا فيصلا ۽/يا دستاويز مئنيجنگ ڊائريڪٽر، ۽/يا

ڪنهن ٻئي ملازم يا ان سلسلي ۾ مئنيجنگ ڊائريڪٽر طرفان باختيار ٻڌايل اٿارٽي جي ملازمن طرفان اٿارٽي جي طرفان صحيح ڪيا/بااختيار ٻڌايا ويندا.

(4) ايريگيشن اينڊ پاور ڊپارٽمينٽ، گورنمينٽ آف سنڌ، سنڌ حڪومت طرفان اٿارٽي جو ڪنٽرولنگ ڊپارٽمينٽ هوندو.

(5) ڪاتي جي انتظامي نظام ۾ موجود انتظاميا AWBs جي نئين انتظاميا جي تعارف تائين جاري رکندي.

قاعدا
Rules

30. حڪومت هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

ضابطا
Regulations

31. قاعدن موجب، اٿارٽي حڪومت جي منظوري سان هن ايڪٽ جي گنجائشن کي اثرائتو بڻائڻ لاءِ ضابطا جوڙي سگهي ٿي.

رنڊڪون هٽائڻ هن ايڪٽ جي گنجائشن کي ٻين قانونن تي اثرانداز ٿيڻ
Removal of difficulties provisions of this Act to over ride other Laws

32. جيڪڏهن هن ايڪٽ جي ڪن گنجائشن کي اثرائتو بڻائڻ ۾ ڪا رنڊڪ پيش اچي ٿي تہ حڪومت اهڙا حڪم جاري ڪري سگهي ٿي، جيڪي هن ايڪٽ جي گنجائشن سان ٽڪراءَ ۾ نہ هجن، جيڪي اهڙي رنڊڪ کي هٽائڻ جي مقصد لاءِ ضروري هجن.

33. هن ايڪٽ جي ڪن گنجائشن ۽ ڪن ٻين قانونن وچ ۾ ڪنهن تڪرار يا بي اصولي جي صورت ۾، اهڙي تڪرار يا بي اصولي وارين هن ايڪٽ جي گنجائشن کي ترجيح ڏني ويندي.

1997 جي سنڌ آرڊيننس نمبر III جي منسوخي
Repeal of Sindh

34. سنڌ ايريگيشن اينڊ ڊرينيج اٿارٽي آرڊيننس، 1997 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

Ordinance No.III of 1977

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي